## سالياني رپورٽ اپريل 2017 کان جنوري 2018 تائين

سنڌالاجي ٽرسٽ پنهنجو ڪاروبار اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ دوران هلائيندي آهي هن سال ۾ ڪاميٽيءَ جون چار ميٽنگون ٿيون. 2 پيٽرن ۽ 3 لائيف ميمبر پڻ هن سال ٿيا. سال ۾ ٿيل مشغولين جو مختصر بيان هن ريت آهي :

**لئبرري :**

هن سال اٽڪل 500 ڪتاب ۽ 35 مخزنن جا پرچا لئبرريءَ ۾ شامل ڪيا ويا. هن وقت لئبرريءَ ۾ سنڌي، هندي ۽ انگريزي اَٽڪل 20850 ڪتاب ۽ 1300 مخزنن جا پرچا موجود آهن. 1075 کان مٿي اڳوڻا اڻلڀ ڪتاب هٿ ڪري سنڀال سان رکيا ويا آهن.

ڪتابن کانسواءِ سنڌي راڳيندڙن جون 850 آڊيو ڪئسيٽون، 875 سي. ڊي.، وي.سي. ڊي. ۽ 150 سنڌي پروگرامن ۽ ناٽڪن جون ويڊيو ڪئسيٽون به لئبرريءَ ۾ موجود آهن.

هن سال نارائڻ ڀارتي، واسديو نرمل، ومي سدارنگاڻي، هري ميڙاڻي، پريتم ورياڻي، لالهرداساڻي، ۽ مرليڌر جيٽلي وٽان ڪافي ڪتاب حاصل ٿيا.

**دستاويز ورڀاڳ :**

اڻلڀ ڪتاب سڪئن ڪري سرورق سميت هوبهو ساڳي حالت (3/5 ڪاپيون) ۾ ٺاهي محفوظ ڪري رکڻ جو ڪاربه زور شور سان جاري آهي. ڪمپيوٽر تي سڪئن ٿيل هنن ڪتابن جون سي. ڊي. به تيار ڪري رکيل آهن، جئن ضرورت مطابق هنن ناياب پستڪن جون وڌيڪ ڪاپيون شايع ڪرائي سگهجن. هيلتائين ڪل 95 ڪتاب ٺاهي رکيا ويا آهن.

ساڳي طرح مرحوم مقبول اديبن جي جدا جدا مخزنن ۾ ڇڙ وَ ڇڙ ٿيل رچنائن کي سهيڙي وري ڪمپيوٽر تي چاڙهي ڪتابي صورت ۾ 3/5 ڪاپيون تيار ڪري محفوظ رکڻ واري يوجنا هيٺ 24 ڪن ڪتاب تيار ڪري رکيا ويا آهن.

ڪل ملائي 16 اديبن جي ڪارنرس لاءِ مواد آهستي آهستي گڏ ٿي رهيو آهي. واسطيدار اديبن متعلق مليل مواد، رچنائون، دستخط، چٽر، فوٽا وغيره سڀ سهيڙي سلسليوار رکيا پيا وڃن.

اَديبن جي رچنائن جا دستخط ۽ هُنن ڏانهن لکيل خط به گڏ ڪري رکيا پيا وڃن.

1200 کان مٿي سنڌي ناٽڪ سڪرپٽ بئنڪ ۾ ميسر ڪري رکيا ويا آهن. ڪي ڪي ناٽڪ ته 120 سالن کان به وڌيڪ عرصو اڳ جا لکيل آهن.

**سرسوتي ميوزيم ۽ آرٽ گئلري :**

ميوزيم ۽ آرٽ گئلريءَ ۾ سٽيل جي فريمن ۾ لڳل بورڊن تي اڳ گڏ ڪيل 1200 کان مٿي رنگين فوٽن ۾ به هن سال اضافو آيو آهي. هي چٽر، نقشا سنڌ جي جاگرافي ۽ تواريخ کان سواءِ سنڌي سنسڪرتيءَ جي انيڪ پهلن تي ڀرپور روشني ٿا وجهن. سنڌي اَديبن کان سواءِ سنڌي ودوانن، سنتن، فلمي ستارن، سوتنترتا سنگرامين، ڪلاڪارن، فوجين، پارليامينٽ ميمبرن ۽ سرڪاري اُپاڌيون حاصل ڪيل مهان هستين جا گهڻيئي چٽر موجود آهن. شاهه، سچل، سامي، شاهه جي سورمين ۽ جهوليلعل جي جيونيءَ جا به انيڪ چٽر رکيا ويا آهن.

ميوزيم لاءِ گڏ ڪيل اڻلڀ چيزون رکڻ لاءِ خاص شيشي جا ننڍا 20 ڪٻٽ آهن. اندر بجلي ۽ ميوزڪ جو بندوبست رکيو ويو آهي. ميوزيم ۾ جنڊيءَ جو ڪم، ڪُٽ جا ٻاسڻ، حمام دستو، ٻئراڳڻ، ڪي نچ سنڌي ساز، چمڙي ۽ پرٽ جي ڪم جا اِسم رکيا ويا آهن.

**منگهارام ملڪاڻي ڊرئمٽڪ ڪلب :**

منگهارام ملڪاڻي ڊرئمٽڪ ڪلب جو ڇهون سال سک سان ڊسمبر 2017 تي پورو ٿيو.

ڪلب جاري ڪرڻ پنيان مقصد هو سنڌي ناٽڪ طرف ڪلاڪارن ۽ درشڪن جي رُچي وڌي، سنڌي ناٽڪ جي لکڻ ۽ منچ تي پيش ڪرڻ وقت آڏو آيل مسئلن ۽ اُنهنجي حل تي گڏجي سوچجي، ناٽڪ ڪلا سان واسطو رکندڙ ڄاڻوُ ماهرن ۽ ڪلاڪارن جا وقت بوقت ليڪچر رکيا وڃن، شهر ۾ رنگ منچ تي آيل ناٽڪن جي چونڊ، اداڪاري ۽ هدايتڪاريءَ جي معيار تي ڪليل بحث ۽ صحتمند تنقيد ڪئي وَڃي، ميمبرن اڳيان ريڊيو ۽ سٽيج ناٽڪ پيش ڪيا وڃن ۽ ٻال ڪلاڪارن کي همٿايو وڃي.

ڪلب جي ميمبرشپ جو ساليانو چندو وڏن لاءِ 200 رپيه ۽ سڪولي وديارٿين لاءِ صرف 50 رپيه رکيو ويو آهي. سال 2017 ۾ ڪلب جا ڪل ۱۱۴ ميمبر هئا. جن مان 7 سڪولي وديارٿي هئا. ڪل 9 ماهوار گڏجاڻيون ٿيون. گذريل سال جي سرگرمين تي مٿاڇري نظر وجهڻ سان اچو تہ ڏسون تہ اَسان پنهنجي مقصد طرف ڪيتري قدر اڳتي وڌي سگهيا آهيون.

- 23 اَپريل 2017 تي تازو گذر ڪري ويل برک سنڌي شاعر ۽ ناٽڪ نويس سرڳواسي واسديو نرمل کي شرڌانجلي ڏني وئي.

اِن موقعي تي سندس لکيل سنڌي ايڪانڪي ناٽڪ جهڳڙو جي فلم ڏيکاري سندس ياد تازي ڪئي وئي. صاحب ٻجاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ اَداڪار هئا: ڪومل ديالاڻِي، نِڪل واڌواڻِي ۽ مهما چيتناڻِي.

- 3 جون 2017 تي ڪلب طرفان نرت ناٽڪ ۽ سنگيت جو رنگارنگي پروگرام ٻال ڪلاڪارن ڪري ڏيکاريو. چلڙو ۽ وڇونئڙو لوڪ گيتن ۾ نرتڪار هيون ڪرشما تلوڪاڻي، ٽيريسا چيتناڻي، ٽوشا چيتناڻي، شوانگي سنگهہ ۽ جيوتي ٿلواڻي. نرت هدايتڪار هئي مهما چيتناڻِي. خاموش اداڪاريءَ ۾ نکل واڌواڻِي، جيسوِن چيتناڻي ۽ موهت تلوڪاڻي مذاقي ڇهڇٽو 'ڏندن جو ڊاڪٽر' پيش ڪيو. سمرن ٿلواڻِيءَ جي ڳايل سهڳان 'او منهنجا مانجهي....' بعد صاحب ٻجاڻيءَ جو لکيل 'منهنجي اَمڙ' ٻال ناٽڪ سندس هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪيو ويو. اَداڪار هئا: ڪرشنا لعلچنداڻي، ڪاجل ٿلواڻِي،

ونشيڪا ٿلواڻِي، موهت تلوڪاڻِي ۽ ڪروتارٿ ڪيلا. آخر ۾ سيني ڪلاڪارن کي سوکڙيون ڏيئي سندن سنمان ڪيو ويو.

- 30 جولاءِ 2017 تي برک مڪاني اَداڪار شري مهيش ڪلواڻيءَ سان گڏجاڻي رکي وئي. مهيش نهايت وستار سان پنهنجي ناٽڪي جيون، رنگ منچ، فلمي دنيا ۽ ناٽڪ ليکن جو ذڪر ڪيو. هن پنهنجن ناٽڪن پڇ، جهو جي ڪناري، کٽ پٽ، وغيره جون جهلڪون پيش ڪري پروگرام کي ڪافي دلچسپ بڻائي ڇڏيو.

صاحب بجاڻيءَ جو لکيل ناٽڪ ’پيسو نہ، پيار کپي‘ 20 آگسٽ 2017 تي جنماشٽميءَ ڏينهن اَنندپور دربار ۾ بہ پيش ڪيو ويو.

- 17 سپٽمبر 2017 تي وڏي پردي تي ڪلب طرفان گھٽو اَگ پيش ڪيل ٻال ناٽڪ راند جي فلم ڏيکاري وئي. اِن موقعي تي ڊي. ڊي. گرنار چئنل تي ويجھڙائيءَ ۾ سنڌالاجيءَ طرفان پيش ڪيل نرت ناٽڪ ۽ سنگيت پروگرام جي فلم بہ ڏيکاري وئي. ياد رهي تہ دوردرشن تي سپنا رائسنگھاڻيءَ جو گيت ’هنجوُن هاري .....‘، مهما چيتناڻي، چمپا چيتناڻيِ ۽ سنگيتا ڪلواڻيِءَ طرفان ’چلڙو ....‘ گيت تي نرت ۽ مهيش ڪلواڻيِ، تلسي ٿاواڻيِ، مڪيش تلوڪاڻيِ ۽ ڪومل ديالاڻيِءَ طرفان راجن چاولا جو ناٽڪ مهاشيہ مڪيچوس پيش ڪيو ويو هو.
- 3 ڊسمبر 2017 تي پروگرام جي شروعات ۾ ڪرشما تلوڪاڻيِءَ ’تتر تيز اُڏام ...‘ گيت تي ۽ شوانگي سنگھہ ’وئي ڙي وئي دل ڪاڏي وئي...‘ تي مهما چيتناڻيءَ جي نرت هدايتڪاريءَ هيٺ نرت پيش ڪيو. صاحب بجاڻيءَ جو لکيل ٻال ناٽڪ ’ونڊ ورهاءِ سک پاءِ‘ سندس هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪيو ڪروتارٿ ڪيلا، يڪتي ٿاواڻيِ، جئشري گلواڻيِ ۽ ڪاجل تلواڻيِءَ. اِن موقعي تي اديب دوست چينو لعلواڻي، موهن گيهاڻيِ ۽ ڪلاڌر مُتوا بہ اَچي سهڙيا هئا، جن جو شال پائي سنمان ڪيو ويو.
- 24 ڊسمبر 2017 سنڌي ايڪانڪيءَ جي اَبي پروفيسر منگھارام ملڪاڻيءَ جو 121 جنم ڏينهن هو. گذريل 7 سالن ۾ ڪلب طرفان 25 ٻال ناٽڪ پيش ڪيا ويا، جن ۾ ڪل 42 ٻال ڪلاڪارن ڀاڱ ورتو. اِنهن سيني ڪلاڪارن جو سنمان ڪرڻ لاءِ 24 ڊسمبر تي پريو درشن هال ۾ شام جو نرت ۽ ناٽڪ جو خاص پروگرام ڪري سيني 42 ٻال ڪلاڪارن کي خاص ٽرافي عطا ڪئي وئي.

  اِن موقعي تي بہ ناٽڪ ’منهنجي اَمڙ‘ ۽ ’برو نہ ڪريو‘ ۽ هڪ نرت پيش ڪيو ويو.
- 28 جنوري 2018 آرتوار ڏينهن شام جو ڪلب جي ميڙ ۾ ساليانو رپورٽ پڙهي پاس ڪرائي وئي. برک مڪاني اَداڪار ڀاويش ڀِراڻيءَ سان گڏجاڻيءَ ۾ هن صاحب پنهنجي ناٽڪي جيون جو وستار سان دلچسپ نموني ورنن ڪيو. پنهنجي فلمي سفر جو ذڪر ڪندي هن، پنهنجن ڪن ناٽڪن جي جھلڪ بہ ڏيکاري درشڪن کي خوش ڪري ڇڏيو.

**ساڌو هيرانند نولراءِ اڪاڊمي**

**اَپريل**

**پرسنلٽي ڊيولپمينٽ ڪورس**

III کان VIII درجي جي شاگردن لاءِ SHNA اَڪادمي اسڪول پاران (سنڌالاجيءَ طرفان هلندڙ) شخصي وڪاس لاءِ ڪورس 18.4.2017 کان 28.4.2017 تائين هلايو ويو.

**ميءِ**

**بورڊ اِمتحان جا نتيجا 2016-17 :**

گجرات سيڪنڊري بورڊ جو نتيجو 29 ميءِ 2017 ۽ 5 جون 2017 تي هاير سيڪنڊريءَ جو نتيجو ظاهر ٿيو جنهن ۾ SHNA اَڪادميءَ جا نتيجا بورڊ جي ڪُل نتيجن جي حساب سان ڪافي اُتراڻا رهيا.

| ڪلاس | شامل ٿيل شاگرد | پاس | فيل | پاس |
|---|---|---|---|---|
| X | %37 | 28 | 09 | 76% |
| XII | 23 | 19 | 04 | 83% |

**جُون**

**صفائي اَڀيان**

8 جون 2017 تي X ۽ XII درجي جي اِڪو ڪلب جي شاگردن دواران صفائي اَڀيان هلايو ويو.

**مضمونن جي چٽاڀيٽي**

9 جون 2017 ڊاڪٽر گدواڻي اِسڪول ۾ سنڌي يوٿ سرڪل پاران رٿيل مضمونن جي چٽاڀيٽي رکي وئي، جنهن ۾ اَسان جي اِسڪول جي VII کان XII درجي جي 9 شاگردن حصو ورتو.

**واد وِواد چٽاڀيٽي**

29 جولاءِ 2017 تي بحث مباحثو رکيو ويو جنهن ۾ IX، X ۽ XI درجي جي شاگردن حصو ورتو. وشيہ ڏنل هو ’موبائيل فون، وردان يا سراپُ.‘

**وشوَ جَنَ سنکيا ڏينهن**

11 جولاءِ 2017 تي وشوَ جَنَ سنکيا ڏينهن ملهايو ويو. هن ڏينهن تي شاگردن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪمپيوٽر دواران پاور پوائنٽ پريزنٽيشن ڪيو ويو.

**ماتا پتا ڏينهن**

پِري پرائمري ۽ پهرين کان IV درجي شاگردن ماتا پتا ڏينهن ملهايو.

**آگسٽ**

**نارنگي ڏينهن**

پِري پرائمري جي ٻارن 12 تي 2017 نارنگي ڏينهن ملهايو.

**چترڪلا چٽاڀيٽي**

4 آگسٽ 2017 تي I درجي کان VII درجي جي شاگردن لاءِ پرائمري وڀاڳ ۾ چٽاڀيٽي رکي وئي.

**سائنس نمائش**

5 آگسٽ 2017 تي SHNA ۾ سائنس جي نمائش رکي وئي جنهن ۾ IV درجي کان VII درجي ڀاڱُ ورتو. هر ڪلاس کي الڳ وشيہ ڏنو ويو.

**رڪشا ٻنڌن اُتسو**

5 آگسٽ 2017 تي پري پرائمري وڀاڳ ۾ رڪشا ٻنڌن ملهايو ويو.

**رکڙي چٽاڀيٽي**

7 آگسٽ 2017 تي رکڙي چٽاڀيٽي رکي وئي. I کان IV درجي جي شاگردن کي رکڙيءَ جو چترُ ڪڍي رنگ ڀرڻا هئا ۽ V کان VIII درجي جي شاگردن کي رکڙي ٺاهڻي هئي.

**تناو مُڪت اِمتحان**

8 آگسٽ 2017 تي ٻارن ڪي امتحان جي دوران تناو مُڪت رهڻ لاءِ سراسري جاڻ ڏني وئي جنهن جو آيوجن اوئيسِس جي دوران شري پرتيڪ سنهه پرمار اِمتحانن جي تناوِ جي اَثر جو جائزو ورتو.

**ڪارڊ ٺاهڻ ۽ مهيندي چٽاڀيٽي**

8 آگسٽ 2017 تي SHNA جي شاگردن لاءِ ڪارڊ ٺاهڻ ۽ مهيندي‌ءَ جي چٽاڀيٽي رکي وئي. هن ۾ I کان IV درجي جي شاگردن ڪارڊ ٺاهڻ ۽ V کان VIII درجي جي شاگردن مهيندي‌ءَ جي چٽاڀيٽي‌ءَ ۾ حصو ورتو.

**آزادي‌ءَ ڏينهن جو جلسو**

15 آگسٽ 2017 تي SHNA ۾ آزادي‌ءَ جو جشنُ ملهايو ويو.

**جنماشٽمي اُتسو**

16 آگسٽ 2017 تي پري پرائمري‌ءَ جي ٻارن جنماشٽمي ملهائي.

**سيپٽمبر**

**اَنتر اسڪول چٽاڀيٽي**

1 سيپٽمبر 2017 تي گانڌيڌام جي اڏيندڙ ياڻي پرتاپ جي پوتر ياد ۾ جي. ايس. آدرش ڪنيا مهاوديالیه ۾ نرتيه جي چٽاڀيٽي‌ءَ ۾ اَسان جي اسڪول جي ٻارن ڪي لوڪ نرتيه وڀاڳ ۾ ٽيون نمبر اِنعام مليو.

**بئنڪ جي ملاقات**

4 سيپٽمبر V ۽ VI درجي جي ٻارن کي گانڌيڌام ڪو. آپريٽو بئنڪ جي ملاقات ڪرائي وئي.

**شڪشڪ ڏِوس اِجلاسُ**

5 سيپٽمبر 2017 تي SHNA ۾ شڪشڪ (اُستاد) ڏينهن ملهايو ويو.

**پوسٽ آفيس جي مُلاقات**

7 سيپٽمبر 2017 تي III ۽ IV درجي جي شاگردن پوسٽ آفيس جي ملاقات ڪئي.

**گُردواري جو سير**

8 سيپٽمبر 2017 تي I ۽ II درجي جي ٻارن کي گُردواري ۽ چرچ ۾ گهمايو ويو.

**هندي دوس**

15 سيپٽمبر 2017 تي سيڪنڊري ۽ هاير سيڪنڊري جي ٻارن دوران هندي دوس ملهايو ويو.

**آڪٽوبر**

**ماتا پتا ۽ شڪش جي گڏجاڻي**

ٻارن جي ماتا پتا سان شڪشڪن جي گڏجاڻي اسڪول ۾ رکي وئي.

**نوراتري اُتسو**

نوراتريءَ جو اُتسو ٻارن سان گڏ اُنھن جي وڏڙن (grand parents) سان ملھايو ويو.

**سوَڇتا (صفائي) اَيِيان**

2 آڪٽوبر تي مھاتما گانڌيءَ جو جنم ڏينھن ملھائڻ ۾ سوَڇتا اَيِيان اُن جو حصو ھو. اِسڪوم جي سلور جُبلي ملھائڻ جي شروعات ان سان ڪئي.

**نيرو ڏينھن اُتسو**

13 آڪٽوبر 2017 کي پري پرائمري جي ٻارن ’نيرو ڏينھن‘ ڪري ملھايو ويو.

**نوَمبر**

9 نومبر 2017 تي پري پرائمري جي ٻارن لاءِ ريلوي اِسٽيشن ۽ پوسٽ آفيس ڏيکارڻ جو بندوبست ڪيو ويو.

**ٻال دِوس اُتسو**

I کان IV درجي جي ٻارن 14 نومبر تي ٻارن جو ڏينھن ملھايو.

**ڪيريئر ڪائونسل جو پروگرام**

ڪامرس جي شاگردن لاءِ پيشي ۽ روزگار جي باري ۾ صلاح ڏيڻ جو پروگرام رٿيو ويو.

**چترڪلا چٽاڀيٽي**

14 نومبر تي SHNA ۾ ڊرائينگ جي چٽاڀيٽي ڪئي وئي.

**شڪشڪن لاءِ وڏيڪ چاڻ جو سيمينار**

ماسترن کي پڙھائيءَ جديد طريقن سان واقف ڪيو ويو تہ جيئن ھو شاگردن کي اِمتحانن جي تناوَ کان آجو ڪرڻ ۾ بھتر نموني سان پڙھڻ ۾ مدد ڪري سگھن.

**پارٽ ۽ توھان جو پوشيہ**

ھن وشيہ تي ڊاڪٽر اَرونا روھڙا پاشڻ ڏنو جيڪا دھلي، پوني، بنارس، گيانا، ڏکڻ آفريڪا ۽ جھان ۾ ليڪچرار رھي چُڪي آھي.

**’برج بلڊر‘ دواران چترڪلا چٽاڀيٽي**

18 نومبر 2017 تي ساڌو واسواڻي مشن جي ’برج بلڊر‘ سنسٿا دواران ڊرائينگ چٽاڀيٽي رٿي وئي. چٽاڀيٽيءَ جو وشيہ رکيو ويو ’عالمي سُکوُن جو پلُ‘ اَسان جي شاگردن گانڌي سماڌيءَ تي اُن ۾ بھرو ورتو. VI درجي جي نيلڪنٺ ٻاروٽ کي ٻيون نمبر انعام مليو، باقي شاگردن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

**پنھنجي پسند جو بدلاءُ ڪيو**

SHNA جي سلور جُبلي، 23 نومبر 2017، جي موقعي تي ھڪ سيمينار رکيو ويو جنھن جو ’ماتا پٽو‘ وشيہ ھو. اُن سان گڏ ماتائن لاءِ رڌُ پچاءُ جي چٽاڀيٽي پڻ اِسڪول ۾ رکي وئي.

**ڊسمبر**

**سلور جُبلي اُتسو**

19 ڊسمبر 2017 تي الڳ وشين جي نمائش رکي وئي جيئن تہ اِستري شڪتي، ڪرافٽ (ڪلا) سائنس پروجيڪٽ، ماحول سان لاڳاپيل وشين سان گڏ سنڌي هندي ۽ گجراتي ڪوين ۽ ليکڪن جي چاڻ شاگردن ۽ اُستادن دوارا پيش ڪئي وئي.

20 ڊسمبر 2017 تي پريو درشن هال ۾ ساليانو جلسو ملهايو ويو جنهن ۾ ٻارن ڪيترن ئي وشين تي نرتيہ پيش ڪيا، جيئن تہ 'سواگت ڊانس'، 'آئو اِسڪول چلي هم'، 'شو تانڊو'، 'ٻالڪ بچايو'، 'ماتا پتا لاءِ شرڌا جو اِظهار'، 'پاڻي بچايو'، 'سنڌي نرتيہ وغيره ....

**ناتال اُتسو**

پري پرائمري جي ٻارن 23 ڊسمبر 2017 تي ڪرسمس ملهايو.

**جنوري**

**اُترائڻ**

13 جنوري 2018 تي I کان VIII درجي جا شاگرد لغڙ اُڏائڻ ۾ شامل ٿيا.

**هيمون ڪالاڻي شهادت ڏينهن**

SHNA شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي 22 جنوري 2018 تي شرڌانجلي ڏيڻ ۾ شامل ٿي. VII درجي جي شاگرد لوڪيش ڀاٽيا شرڌانجلي ڏيندي زوردار تقرير ڏني.

**گڻ تنتر ڏينهن**

SHNA 26 جنوري 2018 تي پرجاتنتر ڏِينهن سهڻي نموني ملهايو.

**رنگن لڳائڻ جي چٽاڀيٽي**

پري پرائمريءَ جي شاگردن لاءِ 13 جنوري 2018 تي چٽرن کي رنگڻ جي چٽاڀيٽي رکي وئي.

**رنگن لڳائڻ جي چٽاڀيٽي**

30 جنوري 2018 تي SHNA دوارا شهيد ڏِوس ملهايو ويو.

**اوچ سکيا ۽ ريسرچ ويڀاڳ :**

رچنا ۽ بليٽن پرڪاشت ڪرڻ جي جوابداري هن ويڀاڳ کي ملڻ کان پوءِ اها جوابداري نباهي وئي. رچنائن جي چونڊ، ٽائيپ سيٽنگ، پروف جاچڻُ، ڪوَر پيج تيار ڪرڻ وغيره ڪم سمپادڪ جي رهنمائيءَ سان ڪيا ويا. (رچنا انڪ 54-55) بليٽن جو انگريزي انواد سنڌالاجي ويب سائيٽ تي چاڙهڻ لاءِ ڪيو ويو.

ان کان سواءِ اجرت جا ڪم (جاب ورڪ)، مثلن انواد لپيانتر، ٽائيپ سيٽنگ وغيره جا ڪم وقت بہ وقت ڪيا ويا. ڊڪشنريءَ جو پروف جاچڻ، سڌار ڪرڻ جو ڪم گڏو گڏ جاري آهي.

**سرتيون :**

هر مهيني جي پهرئين منگل تي سرتين جي گڏجاڻي سچو سال لڳ ڀڳ نيم سان هلي. هن ۾

هميشه جيان ساماجڪ مسئلن تي، صحت جي سنڀال، مانسڪ شڪتي ۽ يوگ، ڌيان وغيره تي ڄاڻ ڏني ويئي ۽ هر ڪنهن پنهنجا آزمودا پيش ڪيا. آرگن ڊونيشن لاءِ هن سال به آگسٽ ۾ جن جا نالا درج نه ٿيل هئا اُنهن پنهنجا نالا درج ڪرايا. هر سال جيان سرتين پنهنجي گروپ ۾ جمع ڪيل ڊونيشن سان اسڪولي ٻارن کي يونيفارم، سويٽر وغيره وٺي ڏنا.

**سرگرميون :**

**چيٽي چنڊ سنڌيت ڏينهن :**

چيٽي چنڊ پروگرام جي سلسلي ۾ هميشه جيان هيءُ ڏڻ به ڏينهن اُتساه ۽ اُمنگ سان ملهايو ويو.

۱ اَپريل ۲۰۱۷ ڇنڇر ڏينهن ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ نرت ۽ ناٽڪ جو سنڌيت جي جذبي سان ڀرپور پروگرام رکيو ويو. شروعات ۾ صاحب ٻجاڻيءَ هن شڀ ڏينهن جي اَهميت ڄاڻائيندي ٻڌايو ته هيءُ ڏينهن صرف سنڌين جي اشٽ ديو جهوليلعل سائينءَ جو جنم ڏينهن ئي نه پر سنڌين جو سانسڪرتڪ ڏينهن به آهي، هن ڏينهن سنڌين جو نئون سال به شروع ٿيندو آهي. هن وستار سان شاه جي ٽن سورمين مارئي، مومل ۽ سسئيءَ جون لوڪ ڪهاڻيون ٻڌائي اُنهن تي نرت پيش ڪيا. نرتڪار هيون مارئيءَ جي ويس ۾ جيوتي ٿلواڻي، مومل جي ويس ۾ جئشري گلواڻي ۽ سسئيءَ جي ويس ۾ شوانگي سنگهه. اُن بعد چمن شرما جو ناٽڪ ’جوءِ جو مڇوُ‘ صاحب ٻجاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ پيش ڪيو ويو. اَداڪار هئا: چمپا چيتناڻي، تلسي ٿاواڻي، مڪيش تلوڪاڻي، مهيش ڪلواڻي، ڪومل ديالاڻي ۽ سنگيتا ڪلواڻي.

ٻئين ڏينهن ۲ اَپريل ۲۰۱۷ آرتوار ڏينهن موسيقيءَ جي محفل ۾ لاڏا، لوليون، ڪافيون، ڪلام ۽ جهولڻ جا گيت، دوگانا ڳائي سنڌي سنگيت جي ڀِنتا پيش ڪئي وئي. مکاني ڪلاڪار هئا: سمرن ٿلواڻي، گهنشيامداس ٻجاج، ڪاجل ٿلواڻي، سشما رائسنگهاڻي، مڪيش تلوڪاڻي، وِشني ايسراڻي، ڪاجل ڇايا، دشينت آهوجا، سپنا رائسنگهاڻي ۽ تلسي منگناڻي. آخر ۾ جهوليلعل جي گيتن تي ناچ بعد سيني ڪلاڪارن جو سنمان ڪيو ويو ۽ سيني گڏجي پوڄن ورتايو.

**سنڌي ٻولي ڏينهن :**

۱۰ اَپريل ۲۰۱۷ سنڌي ٻولي ڏينهن هو. ۵۰ سال اَڳ ۱۰ اَپريل ۱۹۶۷ع تي سنڌي ٻولي ڀارت جي وڌان ۾ شامل ڪئي وئي هئي. سنڌالاجيءَ ۾ اِهو ننڍي پيماني تي ملهايو ويو. سنڌالاجي سينٽرل هال ۾ سنڌالاجي ۽ ساڌو هيرانند نولراءِ اڪيڊميءَ جي عملي لاءِ تقرير چٽاڀيٽي رکي وئي. موضوع هو ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اوسر' ججھ هيون ڪماري هيروُ ايسراڻي ۽ ڪماري ومي سدارنگاڻي. پهريون نمبر اِنعام ۵۰۰ روپيه سيما گرناڻيءَ کي ۽ ٻيون نمبر اِنعام ۳۰۰ روپيه رجني ساولاڻيءَ کي عطا ٿيو.

**مائونٽ لٽرا اِسڪول جا شاگرد :**

۲۹ اَپريل ۲۰۱۷ ڇنڇر ڏينهن صبح جو ۱۱ بجي مائونٽ لٽرا هاءِ اِسڪول جا ۱۸۰ ٻار سنڌالاجيءَ جا ڪاريه ڏسڻ آيا. کين ۽ سندن ماسترياڻين کي سنڌي سنسڪرتي ۽ ڀاشا متعلق ڪافي

ڄاڻ ڏني وئي. هو سنڌالاجيءَ جي شاهي لئبرري، ميوزيم ۽ چترشالا کان سواءِ ٻيو عملي ڪاريہ ڏسي نهايت خوش ٿيا.

**ڪٽي آيا خير سان :**

۷ مئيءَ ۲۰۱۷ مهني جي پهرئين آرتوار تي صوفياڻي چونڪيءَ بدران سنڌي مزاقي فلم 'ڪٽي آيا خير سان' ڏيکاري وئي. فلم نيوُ سنڌوُ آرٽ ائڪيڊميءَ طرفان پيش ڪيل آهي. ڊائريڪٽر آهي نيروُ آسراڻي.

**سنڌالاجي دور درشن تي :**

۲۳ آگسٽ ۲۰۱۷ تي سنڌالاجيءَ جا ڪلاڪار دور درشن تي نرت ناٽڪ ۽ سنگيت جو پروگرام رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ احمدآباد ويا. شريمتي سپنا رائسنگهاڻيءَ گوورڌن پارتيءَ جي رچنا 'هنجوُن هاري، پيئي پڪاري مارئي' پيش ڪئي. ڪيس ڪئسيو تي شري ڪوشل چاپا ۽ طبلي تي شنڪر باروٽ سنگيت ڏنو. شريمتي سنگيتا ڪلواڻيِ، مهما چيتناڻيِ ۽ چمپا چيتناڻيءَ لوڪ گيت 'او منهنجو چلڙو ڙي' تي نرت پيش ڪيو. شري راج ڏاسواڻيءَ جو مزاقي ناٽڪ 'مهاشيہ مکيچوس' بہ پيش ڪيو ويو. اَداڪار هئا: مهيش ڪلواڻيِ، تلسي ٿاواڻيِ، مکيش تلوڪاڻي ۽ ڪومل ديالاڻيِ. دوردرشن تي اَنائونسمينٽ شري ڪمل نهالاڻيءَ ڪئي هئي. پروگرام ڊي. ڊي. گرنار تان ۵ ۽ ۱۲ سپٽمبر تي پرسارت ڪيو ويو هو.

**سيتا سنڌوُ يون ۾ وصيت نامو :**

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي سيتا سنڌوُ يَون -ممبئيءَ جي نينڊ تي سنڌالاجيءَ جي اَداڪارن مرحوم مدن جماڻيءَ جو مذاقي ناٽڪ 'وصيت نامو' پيش ڪيو. ناٽڪ جو هدايتڪار هو صاحب ٻجاڻي ۽ اَداڪار هئا: مهيش ڪلواڻيِ، چمپا چيتناڻيِ، تلسي ٿاواڻيِ، ڪومل ديالاڻيِ ۽ مکيش تلوڪاڻيِ. سنگيت ۽ روشنيءَ جي جوابداري سنگيتا ڪلواڻيءَ سنڀالي. درشڪن ور ور ڪري ٺهڪ ڏيئي ۽ تاڙيون وڄائي ڪلاڪارن کي داد پئي ڏنو.

**ليلاشاه ڪٽيا ۾ اِسٽال :**

۲۹، ۳۰ ۽ ۳۱ آڪٽوبر ۲۰۱۷ تي آديپور ۾ سوامي ليلاشاه ڪٽيا ۾ سائينڄن جي ۴۴ ورسيءَ تي ميلي ۾ هميشه جيان ساموهڪ شاديون ٿيون، جڻيا پاتا ويا. سنڌالاجيءَ طرفان ڪوليل اِسٽال ۾ سنڌي ڪتاب، آڊيو ويڊيو سيڊيون، سنڌ جا نقشا، سنڌي سکڻ جا ڪتاب ۽ ڊڪشنريون رکيون ويون. ميلي تي آيل ماڻهن کي سنڌي سنسڪرتي، جاتي ۽ ساهت جي ڪافي ڄاڻ ملي. ڪافي وڪرو بہ ٿيو.

**نوّجوان ليکڪن جو سيمينار:**

۵ ۽ ٦ نومبر ۲۰۱۷ تي مرڪزي ساهت اَڪادميءَ جي سهڪار سان سنڌالاجيءَ طرفان نوّجوان ليکڪن جو ٻن ڏينهن جو سيمينار، شري پريم پرڪاش جي نگرانيءَ هيٺ ٿي گذريو. ڪل ۱۷ نوّجوان اديبن شرڪت ڪئي، جن مان ۹ ٻاهريان ۽ ۸ مڪاني هئا. هنن پنهنجون رچنائون تبصرا پڙهيا. پريم پرڪاش ۽ هوندراج بلواڻيءَ آخر ۾ هر اديب جي رچنا تي وستار سان ڳالهائيندي، رچنا جون خوبيون ۽ خاميون ٻڌائيندي سندس رهنمائي ڪئي. هن موقعي تي ساهت اڪادميءَ جو ريجنل سيڪريٽري شري ڪرشنا ڪمباهوني بہ آيل هو.

**گرونانڪ جنم اُتسوَ :**

۱۲ نومبر تي هميشھ جيان گرو نانڪ صاحب جو جنم اُتسوَ سڪ ۽ شرڌا سان ملهايو ويو. مکاني ڪلاڪارن سمرن ٿلواڻي،ڪاجل ٿلواڻِي، سشما رائسنگهاڻِي، مڪيش تلوڪاڻي، سپنا رائسنگهاڻي ۽ تلسي منگتاڻيءَ گرواڻيءَ مان گرو جن جا شبد ۽ ڀڄن ڳايا، آخر ۾ سيني گڏجي ڀوڄن ورتايو.

**ٻہ ناٽڪ :**

۲۴ ڊسمبر ۲۰۱۷ تي سنڌي ايڪانڪيءَ جي اَبي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو ۱۲۱ جنم ڏينهن هو. هڪ هفتو اڳ ۱۷ ڊسمبر تي ٻہ ناٽڪ پيش ڪري کيس شرڌانجلي ڏني وئي. پهريون ناٽڪ پيريءَ جو توشو، ملڪاڻي صاحب جو لکيل، صاحب ٻجاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ پيش ٿيو. اَداڪار هئا: چمپا چيتناڻي، مڪيش تلوڪاڻي ۽ تلسي ٿاواڻي. ’دل جو دُڪان‘ هندي ناٽڪ جو هدايتڪار هو مهيش ڪلواڻي. اَداڪار هئا: هني ڪلواڻِي، سنگيتا ڪلواڻِي، مهيش ڪلواڻِي ۽ ڪومل ديالاڻِي.

**ائنڪرس پروگرام ۾ سنڌالاجي :**

هيلپيج مشن سنسٿا طرفان آديپور ۾ ٽن ڏينهن جي ورڪشاپ جي آخر ۾ ڪارپردازن جي نينڊ تي سنڌالاجيءَ طرفان مُني ڪلاڪ جو رنگارنگي پروگرام مئتري وديالیہ هال ۾ ڏنو ويو. ٽي ننڍا ڇهڇٽا پڇ، همت مردان ۽ مدد خدا ۽ ڏينڊين تہ ڏينڊءِ پيش ڪيا مهيش ڪلواڻي، چمپا چيتناڻي، ڪروتارت ڪيلا، يڪتي ٿاواڻي ۽ ڪومل ديالاڻيءَ.

وچونئڙو لوڪ گيت تي نرت پيش ڪيو شوانگي سنگهہ ۽ جيوتي ٿلواڻيءَ. سمرن ٿلواڻيءَ ٻہ واسديو نرمل جو گيت ’ساگر جي لهرن ۾....‘ ڳاتو.

**يائي پرتابنگر پئنچات طرفان نينڊ :**

ياٽي پرتابنگر پئنچات جي نينڊ تي ۲۵ جنوري ۲۰۱۸ تي سنڌن ساليانی اُتسو ۾ جهوليلعل مندر ۾ سنڌالاجيءَ نرت ۽ ناٽڪ جو پروگرام پيش ڪيو ويو.

شروعات ۾ صاحب ٻجاڻيءَ جو ٻال ناٽڪ ’ونڊ ورهاءِ سک پاءِ‘ سنڌس هدايتڪاريءَ ۾ پيش ڪيو ويو. اَداڪار هئا: ڪرتارت ڪيلا، يڪتي ٿاواڻِي، جئشري گلواڻِي ۽ ڪاجل ٿلواڻِي. اِن بعد چلڙو نرت پيش ڪندڙ هيون ڪرشما تلوڪاڻي، تيريسا چيتناڻِي ۽ تِوشا چيتناڻي. آخر ۾ چمن شرما جو لکيل ناٽڪ ’جوءِ جو مڄوُ‘ پيش ڪندڙ هئا: سنگيتا ڪلواڻي، مهيش ڪلواڻِي، ڪومل ديالاڻي، چمپا چيتناڻِي، تلسي ٿاواڻي ۽ مڪيش تلوڪاڻي. درشڪن پروگرام جو آنند ماڻيندي گُهر ڪئي تہ سنڌالاجيءَ کي هر سال اهڙا دلچسپ پروگرام ڪرڻ لاءِ نينڊ ڏني وَڃي. پروگرام جي ڪارروائي شري ڪمل نهالاڻيءَ هلائي.

**وشو پستڪ ميلو :**

دهليءَ ۾ ٦ جنوريءَ کان ۱۴ جنوريءَ ۲۰۱۸ تائين وشو پستڪ ميلي ۾ هر سال جيان سنڌالاجيءَ ڪتابن جو اِسٽال کوليو. اِسٽال ۾ سنڌي ڪتاب، سنڌي سکڻ جا ڪتاب، ڊڪشنريون، سنڌ جا نقشا، تصويرون وغيره رکيون ويون. سنڌي اديبن کان سواءِ غير سنڌي عام لوڪن بہ هن

اِستال مان سنڌي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جي ڪافي ڄاڻ حاصل ڪئي. ڪافي وڪرو ٿيو. اِستال جون واڳون مڪيش تلوڪاڻيءَ جي حوالي هيون.

**ڦاٽاسين تہ ڦٽڪڻ کھڙو :**

۷ جنوري ۲۰۱۸ تي ماهوار صوفياڻي چونڪيءَ عيوض سنڌي فلم ’ڦاٽاسين تہ ڦٽڪڻ کھڙو‘ درشڪن کي ڏيکاري وئي. فلم جي پروڊيوسر هئي آشا چاند ۽ ڊائريڪٽر هو راجيش بچاڻي.

**ماهوار سنگيت چونڪي :**

سنڌالاجيءَ ۾ گذريل ۲۵ ورهين کان هر مهني جي پهرين آرتوار تي شام جو صوفياڻي چؤنڪي ٿيندي رهندي آهي. مڪاني گايڪ ڪلاڪار سنڌي لوڪ گيت، ڀڄن شبد، ڪلام، ڪافيون ۽ وايون ڳائي درشڪن کي وندرائيندا آهن. هن سال موسيقيءَ جي موج مچائڻ وارا گايڪ هئا: سمرن ٿلواڻي، ڪاجل ٿلواڻي، سشما رائسنگهاڻي، گھنشيامداس بجاج، مڪيش تلوڪاڻي، ڪاجل چايا، دشينت آهوجا، وشني ايسراڻي، سپنا رائسنگهاڻي ۽ تلسي منگتاڻي.